# فهرست


| نمبر | ليک | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١ | ڪافي | بيدل فقير | ١ |
| ٢ | ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو رسالو | پيرومل مهرچند آڏواڻي | ٢ |
| ٣ | بهار (شعر) | لطف الله جوڳي | ١٤ |
| ٤ | سچو پيار (آکاڻي) | مس ٺاڪري نيپراج واسواڻي | ١٥ |
| ٥ | غزل | سوڀراج نرملداس (فاني) | ١٩ |
| ٦ | بيروزگاري (شعر) | ڪشنچند تيرٿداس کتري [بيوس] | ٢١ |
| ٧ | اچرج جهڙيون رسمون ۽ رواج | لعلچند امرڏنومل ڄڳتياڻي | ٢٢ |
| ٨ | جهنگ جو شغل شڪار | پرمانند ميوارام ايڊيٽر "جوت" | ٢٥ |
| ٩ | گائن وديا | ٺهلرام آسودومل وڪيل | ٢٨ |
| ١٠ | ويچار ۾ سک (شعر) | سوامي ٻوڌراج صاحب | ٣٣ |
| ١١ | پورن برهمچاري ٿيڻ ممڪن آهي؟ | (ٻوڌر زندگيءَ تان ورتل) | ٣٣ |
| ١٢ | سچي سک (شعر) | ديوان دلپت راءِ | ٣٠ |
| ١٣ | ڌرم ۽ نيتي | مهاتما گانڌي | ٤١ |
| ١٤ | نااُميد | سي. ايل. منگهاڻي | ٤٧ |
| ١٥ | ڪافي | ديوان صورت (بهار) | ٤٨ |
| ١١ | شارداانڪت | مولائي شيدائي | ٤٩ |
| ١٧ | ڪافي | سچل سرمست | ٥٣ |
| ١٨ | پريان سندو پيچرو | ليلارام پريمچند واڌواڻي | ٥٤ |
| ١٩ | عجيب ليلا (شعر) | منگهارام شيوڪرام (مستان) | ٦٠ |
| ٢٠ | درسي ڪتابن جون چوڪون | عبدالله عبدالواسع (عبد) | ٦١ |
| ٢١ | شاهه عبداللطيف جا چونڊ بيت | ... ... ... | ٦٦ |
| ٢٢ | روح جي راحت | روچيرام گنگارام سڌاڻي | ٦٨ |
| ٢٣ | ڪافي | ديوان دلپتراءِ | ٧٠ |
| ٢٤ | باهه جو گهوڙو (آکاڻي) | لکميچند ٽي. روپچنداڻي | ٧١ |
| ٢٥ | نيوز نوٽس ۽ ڪمينٽس | | ٧٥ |


---


هيءَ اخبار مسٽر بولچند وسومل راجپال بي. ايس سي "راجپال پريس" مياڻن جي ڳوٺ ۾ ڇپي پڌري ڪئي.

# بيروزگاري

آهه بيڪاريءَ کان بڪ، جي ٻاهه ۾ بيروزگار،
خون جا ڳوڙها ٿو ڳاڙي، هاءِ! شامت جو شڪار.

١- ويو وچولي شخص جو، ورنو پڙهڻ جي پيٽ ۾،
هـــڙ وڃن واري لٽـــي، تعليم لئي ٿيو عملدار.

٢- عملداري ناهه بيڪاري، مرض جو اڄ علاج،
جئن وڌن ڊگريون، تئن ڊگريون وڌي بڪ جو بخار.

٣- جن سچائيءَ ۾ پڙهي، حاصل وڏيون سندون ڪيون،
تن تي آيا ڳن جو پيڇي ٿو، ڪوٽ قرضن کان ڪپار.

٤- هن طـــرح حاصل ڪيل، تعليم ڏيـــوالو ڏنو،
مور موڙيءَ جو نه ڇڏ، ٻر وياج جو لاهي نه بار.

٥- اڄ هنرن ڏاران ٿيو، بد حال آهي علم جو،
سون منڊي آهه هيري، ٽڪ سوا بي زيبدار.

٦- ٿي وڃي طاقت ۽ دولت، مفت ڪاليجن ۾ جا،
سا هنــــر ۾ جي وڃي، آسودگي آڻي اپار.

٧- سنڌ ۾ پوکڻ جي لائق، آهه جا زرعي زمين،
سا جي سالم پوکجي، ڏني اَن جا بيحد ڀنڊار.

٨- هت اُٺيتاليهه لک آدم، نه اڪڙهڪ ڪروڙ،
ٽيڻ آدم سنڌ پالـــي، جي کڄي کيٽي سڌار.

٩- آهه شڪ ڪاڏي نهڻ، جو سنڌ ۾ ڪيڏو ضرور،
جنهن لئي ٻڻ آهي هزارن، جي ڪمائيءَ جو مدار.

١٠- جي اُٿي جاڳي جوانو! ڪرم لئي قبضو ڪريو،
هو نه **بيوس** ڪين ٿئي، بيروزگاريءَ جي ڀڪار.

مسٽر ڪشنچند تيرٿداس کتري [بيوس].

# ويچار ۾ سک

نه ٿورڙي ۾ سک آهي نڪي پرورت ۾ پائي ،

ملي ويچار مان ٿو سک گروءَ ايءَ رمز سمجهائي .

١- ملي تلوار آهي هٿ دشمن کان بچائڻ لءِ ،

گلي پنهنجي تي جي هڻبي ته آڻيندي موت جي ڪاتي .

٢- سون سڪو تي ڏئي اگني سچي اوءَ ڏيوتا آهي ،

ٽپي جي ڪو پوي اُن ۾ ته آڻيندي ساڙ دکدائي .

٣- زهر قاتل ڏسو شنگرف تنهي حڪمت سان ٿو امرت ،

ڪري ٿي درد کي دم ۾ منجهه دارون ڪڻن ته داناهي .

٤- آئين ڌرتيءَ مان ٿا پيدا سڳندي پشپ سونهن پريا ،

سمجهه سان سخت ڌرتيءَ مان تنهي ظاهر ٿي نرمائي .

٥- جڳت جي دور درنگي ۾ سهي ٿو جيوَ سوين صدما ،

هلت ويچار جي هلندي هلاڪيءَ ۾ به هلڪائي .

٦- پيئڻ ، کائڻ ، سمهڻ ، ٻولڻ ۾ رکه ويچار جي رهڻي ،

جڳت ۾ جيونَ نهنجي لڏهن تنهي موکه قلدائي .

٧- منجهائن ٿا سدا من کي پدارٿ شان ۽ شوڪت ،

بنا ويچار جي اصلي نه ايندي من ۾ سرهائي .

٨- ڏنو مون ٻوڌ هٿ کوجي لڌم دکه سکه سندو ڪارڻ ،

ڏئي دکه بي ويچاري ٿي آهي ويچار سکدائي .

سوامي ٻوڌراج صاحب چداڪاشي.

# سچي سڪ

١- سڪ نه آهي سٿري مشڪل گهڻي سڪ،
عاشق اُسري آئيا ڪري لوڪن لڪ،
مٽيا مڙيا نه مٽي ڪون دَر جي جهلي ٽڪ،
ڏيئي سر سٽ ۾ تا پيئن ٻوڙن ۾ ٻڪ،
ٻڌو پيتا وون هٿون حبيبن جي ٿان پي هيڻن هڪ،
عاشق لڪي ٽڪ دلپت لونس لن ۾.
٢- سڪ نه آهي سٿري جي لڳي هووي نه لاءِ،
گهڙي عشق آڙاهه ۾ جيرو جي ۾ جلاءِ،
سو سپرين ڏي سچي سڪ سنيپاهه،
تا تو نينهه لباهه دلپت ويهي دَر دوستن جي.
٣- لوڪن ليکي سڪ سٿري ٻر سڪڻ آهي تکو تير،
لڳي جنهن جي جيءَ ۾ سوئي جاڻي پير،
دل کي اچي نه ڌير دلپت ڌارون دوست جي.
٤- لوڪن ليکي سڪ سٿري سڪڻ وڏو ٿوڪ،
سچن ملائي سٿري مٽي محبت موڪ،
سڌڙيا دَر ساقي ڪون وريا وڃن ڦوڪ،
طالبن وڌو تن ۾ ٻرڻ ۾ طلب طوق،
تن وسيءِ وٺي نه ڪا بي جي وينا جانب ذوق،
جي چيريا چشمن چوڪ سي ٻرڻ ۾ چيٽي چڱا ڪيا.
٥- سڪ نه آهي سٿري سڪڻ وڏي وٿ،
عاشقن جي اندر جو ٻيٺي رڳو رت،
طالبن کي تن ۾ ٿي ڏيکاري لت،
اندن ۾ ڪاڻن جو ٿي پڇي مذهب مت،
سچا ڪري سٽ **دلپت** مليا دوست کي.

ديوان دلپت رام صوفي

# عجيب ليلا

هر چيز ۾ عيان ٿي لالن ٻو ڇو لڪائين ؟
هڪ ٿي ورِي انيڪون واسيون ٻو ڇو رچائين ؟
۱- جڳ ڦولوار سهڻي تون ناز سان نپائي،
غنچه و ٿا ر گلڙا تنهن جا ٻو ڇو ڇنائين ؟
۲- عادل عدل جو صاحب سڀ آدڪان چون تو
ڪي شاهه ڪي گدا جي گهر ۾ ٻو ڇو نپائين ؟
۳- شب روز هڪ گهڙي تو پورو نه ٻيٺ پالي،
ٻي وٽ ذري ادم سان لڇمي ٻو ڇو ليٽائين ؟
۴- سر پاو- سر درشٽي ساڄن سنده سدائين
* موسو ٻلي و ٻڪري شينهن کان ٻو ڇو ڪپائين ؟
۵- آنند سروپ تنهنجو اعلي امن جو عاشق
فتنا فساد جهيڙا موهن ٻو ڇو مچائين ؟
۶- ڪرتا ندان ڪرپا ساگر سڀا جهو ٿي چئه
پو نڪمپ مرض جنگيون قهري ٻو ڇو ڪيرائين ؟
۷- سچيار ۽ سخي جي پرما تما پسند تو
لوفر ليچا و موذي احمق ٻو ڇو اپائين ؟
۸- اعلان آهه تنهنجو ”پڳتن سان پاو منهنجو“
سورن ۾ تن ستائي سوريءَ ٻو ڇو چڙهائين ؟
۹- ناچوءِ جيان نچائي سارو جڳت هٿن سان
سڀ جو ٻڌي تون ڪرٽاري سنگه ٻو ڇو سڏائين ؟
۱۰- کن ۾ ملڻ جو واعدو ويدن اندر ڪيو تو
**مستان** ڪي مدت کان ساڄن ٻو ڇو سڪائين ؟
منگهارام شيوڪرام ( مستان )

---

* موسو = ڪئو.

